# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1978

# ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE COURT FEES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ڪجهه ڪيسن ۾ ڪورٽ فيس ختم ڪرڻ

Abolition of Court Fees in certain cases


# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1978

# ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE COURT FEES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[2 آگسٽ 1978]

تمهيد (Preamble)

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾ ترميم جو آرڊيننس

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين آگسٽ 1978کان عمل ۾ سمجهيو ويندو.

ڪجهه ڪيسن ۾ ڪورٽ فيس ختم

| | |
|---|---|
| ڪرڻ<br>Abolition of Court Fees in certain cases | 2. جيستائين ڪجهه ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 (1870 جو ايڪٽ VII) جي متضاد ناهي، ڪرمنل ڪيس ۾ ڪا به ڪورٽ فيس ادائگي لائق نه هوندي، ۽ سول نوعيت جي ڪيس جي صورت جڏهن ملهه 25 هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي ته ان تي به ڪا ڪورٽ في نه هوندي.<br><br>نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. |